اميراهل سنت جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي هڪ قسط مع ترميم ۽ اضافو

# نيڪ ٻانهن جو شان

سنڌي

100 گھرن ڪان ۃ النون پري
نونن جي فراست

فاروق ۽ نشتاق جي نزار
علم غّب جي نتعلق نختلف اکوال




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

## مُحَمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفكر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: نيڪ ٻانهن جو شان

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي


مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان کنيل مضمون

# نيڪ پاڻهن جو شان

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# نيک پانهن جو شان[1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”نيک پانهن جو شان“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي پنهنجي نيک پانهن سان محبت رکڻ ۽ نيڪن جي صحبت اختيار ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## درود شريف جي فضيلت

حضرت عارف بن عُبَّاد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت ابو الحسن شاذلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو آهي تہ مان سفر ۾ هيس. هڪ رات اهڙي هنڌ پهتس جتي ڪثير خوفناڪ درندا هئا. درندا منهنجي پٺيان لڳا، مان هڪ وڏي دڙي تي چڙهي ويس ۽ چيم: خدا جو قسم! مان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهندس ڇوتہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: **”جيڪو شخص مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي الله پاڪ ان تي ڏهہ درود (يعني رحمت) موڪليندو آهي.“** جڏهن الله پاڪ مون تي ڏهہ رحمتون موڪليندو تہ مان رات الله پاڪ جي رحمت ۾ گذاريندس. فرمايائون تہ مون ايئن ئي ڪيو تہ مان ڪنهن سان نہ ڊنس.
(افضل الصلوة علی سيدالسادات،ص 22)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] هي مضمون اميراهل سنت جي ڪتاب ”نيڪي“ جي دعوت مان ڪنيو ويو آهي

# هڪ نيڪ شخص جي سبب پاڙي جي 100 گهرن کان بلائون پري ٿين ٿيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهه هميشه ياد رکو! جيڪڏهن اوهان مذهبي وضع قطع جا مالڪ آهيو ته سنجيدا رهو ۽ خوب مِلنسار بڻجي وڃو، اوهان جو مَنصب اهڙو آهي جو اوهان جي هڪ مسڪراهٽ ڪنهن جي ايندڙ نسل جي تقدير بدلي سگهي ٿي ۽ هڪ ڀيري جي بي رخي يا ڇڙٻ ڪنهن جي ايندڙ نسلن کي به مَعاذَالله گمراهي جي کڏ ۾ اڇلائي سگهي ٿي، تنهنڪري هر ملڻ جلڻ واري سان نرمي نرمي ۽ نرمي سان پيش اچو ۽ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ سُستي نه ڪيو، ڪهڙي خبر اوهان جي انفرادي ڪوشش ڪنهن جي سڄي خاندان جي اصلاح جو سبب بڻجي وڃي، چڱن جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي! دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 853 صفحن تي مشتمل ڪتاب "جہنم میں لے جانے والے اعمال" جلد پهريون صفحي 809 تي آهي: حسن اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوب ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ نيڪ مسلمان جي ڪري ان جي پاڙي جي 100 گهرن تان بلائون پري ڪندو آهي پوءِ هي آيت شريف تلاوت فرمائي:

وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ

(پ2، البقرة: 251)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن ۾ هڪڙن سان ٻين کي دفع نه ڪري ته ضرور زمين تباهه ٿي وڃي ها.

(المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 129 حديث 4080)

تو نیکوں کا فیضان مولیٰ عطا کر
معاف فضل سے میری ہر اک خطا کر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ٽي مدني فيسون

الله وارن جي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو انداز بہ نرالو هوندو آهي انهي ضمن ۾ هڪ حڪايت ٻڌو ۽ عبرت حاصل ڪيو: حضرت حَاتِمِ اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ امير شخص طعام جي دعوت ڏني، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: منهنجا ٽي شرط مڃو تہ پوءِ ايندس. (1) مان جتي چاهيندس ويهندس (2) جيڪو چاهيندس کائيندس (3) جيڪو چوندس اهو اوهان کي ڪرڻو پوندو. ان مالدار اهي ٽئي شرط قبول ڪيا، ولي الله جي زيارت جي لاءِ تمام گهڻا ماڻهو گڏ ٿي ويا، مقرر وقت تي حضرت حَاتِمِ اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن بہ تشريف فرما ٿيا ۽ جتي ماڻهن جون جتيون پيون هيون اتي ويهي رهيا. جڏهن ڪاڌو شروع ٿيو تہ حضرت حَاتِمِ اَصَمّ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي جهولي ۾ هٿ وجهي سُڪل ماني جو ٽڪرو ڪڍيو ۽ کائڻ لڳا. جڏهن طعام جو سلسلو ختم ٿيو تہ ميزبان کي فرمايو: **"چُلهو ڪٽي اچو ۽ ان تي تئو رکو"** حڪم جي تعميل ٿي، جڏهن باهہ جي تپش ڪان تئو ڳاڙهو لال ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيرين اگهاڙي ان تي بيهي رهيا، ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: **"مان اڄ جي ڪاڌي ۾ سڪل ماني ڪاڌي آهي."** اهو چئي تئي ڪان هيٺ لهي آيا ۽ حاضرين کي فرمايائون: **"هاڻي توهان حضرات هن تئي تي بيهي جيڪو ڪجهہ ڪاڌو آهي ان جو واري واري سان حساب ڏيو."** اهو ٻڌي سيني ماڻهن جون رڙيون نڪري ويون. هڪ آواز تي چوڻ لڳا: حضور! اسان ۾ هن جي طاقت ناهي (ڪٿي هي گرم گرم تئو ۽ ڪٿي اسان جا نازڪ پير! اسان تہ گنهگار دنيا دار ماڻهو آهيون.) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: جڏهن هن دنيوي گرم تئي تي بيهي اڄ صرف هڪ وقت جي ڪاڌي جي نعمت جو حساب نٿا ڏئي

سگهو تہ سياڻي قيامت جي ڏينهن اوهان پوري زندگي جي نعمتن جو حساب ڪئين ڏيندؤ. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سيپاري 30 سورة التكاثر جي آخري آيت جي تلاوت فرمائي:

ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ یَوْمَىٕذٍ عَنِ النَّعِیْمِ۠ ﴿۸﴾
(التكاثر پ30 آيت 8)

**ترجموڪنزالايمان:** پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن توهان کان نعمتن جي پڇا ٿيندي .

”هي رقت انگيز بيان ٻڌي ماڻهون رڙيون ڪري روئڻ ۽ گناهن کان توبہ ڪرڻ لڳا.

(ملخصًا تذكرة الاولياء ج اول ص 222)

يا الٰہی! جب حسابِ خندۂ بے جا رُلائے
چشمِ گریانِ شفیعِ مُرتجٰی کا ساتھ ہو

یا الٰہی! جب بہیں آنکھیں حسابِ جُرم میں
اُن تبسُّم ریز ہونٹوں کی دعا کا ساتھ ہو

(حدائقِ بخشش شريف)

**مشڪل لفظن جي معني:** تَبَسُّم ریز: مسڪرائڻ واري، خندہ بے جا: فضول کِل، چشمِ گریاں: روئڻ واريون اکيون، شَفِیعِ مُرتَجیٰ: شفاعت ڪرڻ وارو جنهن سان اميدون رکيون وڃن.

**شرح ڪلام رضا:** حدائق بخشش جي مناجات جي ذڪر ڪيل ٻي شعر ۾ عرض ڪيو ويو آهي: ياالله پاڪ محشر جي ڏينهن جڏهن منهنجي نافرمانين جو حساب مون کي خوفزده ڪري ۽ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن، اي ڪاش! ان وقت ڏکويلن دلين جي چين، سروَر ڪونين، ناناءِ حسنين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مسڪرائيندڙ چپن جي دعا منهنجي لاءِ هجي، پهرين شعر ۾ عرض ڪيو ويو: ياالله پاڪ جڏهن آخرت جي ڏينهن منهنجي فضول کِلڻ جو حساب ڪتاب مون کي رلائي، ڪاش!

ان وقت شفاعت ڪُبريٰ جو تاج پائڻ واري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن جي طرف اميدون وابسته ڪيون ويندين آهن اهو تشريف آڻي منهنجي شفاعت فرمائي. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!

ہائے! پھر خندۂ بے جا مِرے لب پر آیا | ہائے! پھر بھول گیا راتوں کا رونا تیرا
(ذوقِ نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محشر جي هولناڪ منظر ڪشي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! ولي ڪامل حضرت حاتم اَصم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيڏي نه انوکي انداز ۾ آخرت جي حساب جي باري ۾ "نيڪي جي دعوت" پيش ڪئي! واقعي حشر ۽ نشر جا معاملا نهايت تشويشناڪ آهن، ان جو نقشو بيان ڪندي حُجَّةُ الاِسلام حضرت امام ابو حامد محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا: (انسان) مرڻ کان پوءِ اهڙو بدبودار مردو ٿي ويندو جو سڀ ان کي ڏسي پنهنجي نڪ بند ڪري ڇڏيندا، ۽ اهو قبر ۾ جيت جڻين جي خوراڪ بڻجي ويندو ۽ پوءِ آهسته آهسته خاڪ ٿي ويندو جيڪا بلڪل حقير ۽ ذليل شيءِ آهي، البت مرڻ کان پوءِ اهو جانورن جيان خاڪ ٿي رهي ها ته غنيمت هو پر افسوس ائين نه ٿيندو ۽ هي خاڪ رهڻ واري دولت ان کي ميسر نه هوندي بلڪ قيامت ۾ ان کي قبر مان اٿاريو ويندو، هيبت ۽ دهشت جي مقام تي رکيو ويندو، ان وقت اهو آسمانن ڏانهن ڏسندو ته اهي ڦاٽل آهن، تارا ڪريا پيا آهن، چنڊ ۽ سج بي نور ٿي چڪا آهن ۽ جبل ڪپهه جي ڳنڍڙي جيان

مُنتَشِر آهن، زمين بدليل آهي، دوزخ جا فرشتا ڪمندون (يعني ڦندا) اچلائي رهيا آهن، دوزخ گرجي رهيو آهي، فرشتو هر هڪ جي هٿ ۾ اعمال نامو ڏئي رهيو آهي، اهو تمام عمر ۾ جيڪي برا ڪم ڪيا انهن کي ڏسندو، هر هڪ پنهنجي گناهن کي پڙهي ڪري پريشان ٿي رهيو هوندو، ان کي چيو ويندو ته اچ ۽ جواب ڏئي ته تو ائين ڇو ڪيو؟ ائين ڇو چيو؟ ڇو وينين ۽ ڇو بيٺين؟ ڪيئن ڏٺئي ۽ ڇو سوچيو؟ جيڪڏهن مَعاذَالله جواب نه ڏئي سگهيو ته ان کي دوزخ ۾ وڌو ويندو! ان وقت چوندو: ڪاش! مان خوڪ (يعني سوئر) يا سگ (يعني ڪتو) پيدا ٿيان هان ته خاڪ ٿي وڃان ها، ڇوته اهي (جانور) ان عذاب کان محفوظ ۽ آزاد آهن، پس جيڪو شخص (بي عمل هجڻ جي صورت ۾) سوئر ۽ ڪتي کان بدتر آهي ان کي تڪبُّر ۽ فخر ڪرڻ ڪيئن جڳائي ٿو.

(ڪيمياء سعادت ج 2 ص 717)

یاد رکھ ہر آن آخر موت ہے
مت تو بن انجان آخر موت ہے

پیشتر مرنے کے کرنا چاہیئے
موت کا سامان آخر موت ہے

بارہا علمی تجھے سمجھا چکے
مان یا مت مان آخر موت ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي ته اسان پيدا ٿي چڪا آهيون، واپسي ناممڪن آهي، جيڪي اجا دنيا ۾ نه آيا ان جو انتظار ڪرڻ وارن يعني بي اولادن جي لاءِ غور ڪرڻ جو مقام آهي ته انتظار ۾ ان جي ڇا نيّت آهي! دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 692

صفحن تي مشتمل ڪتاب ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال وجواب“ صفحي 5 کان 6 تي ڏنل مضمون پنهنجي اندر گهڻي عبرت رکي ٿو جيئن لکيل آهي: اڄ دنيا ۾ جيڪو بي اولاد هوندو آهي اهو عام طور تي خوب دل جلائيندو ۽ ٻار جي لاءِ نه ڄاڻي ڪهڙا ڪهڙا حيلا ڪندو آهي، جيڪڏهن ان جو مقصدِ اصلي فقط گهر جي زينت ۽ دنيا جي راحت آهي، حصول اولاد سان ان جو مقصد آخرت جي نفعي جي ڪا سٺي نيت ناهي، ته اهڙو بي اولاد ماڻهو ڄاڻي واڻي ”ڪنهن جي دنيا ۾ پيدا ٿيڻ ۽ وڏي امتحان ۾ مبتلا ٿيڻ جي آرزو ڪري رهيو آهي!“ منهنجي هي ڳالهه شايد اهو شخص سمجهي سگهي ٿو جيڪو ”بري خاتمي جي خوف“ ۾ مبتلا هجي، هڪ خائِف بزرگ حضرت فُضَيل بن عِياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خلاصو آهي: مون کي وڏي نيڪ ٻانهي تي رشڪ ناهي ايندو جيڪو قيامت جي هولناڪين جو مشاهدو ڪندو، مون کي صرف ان تي رشڪ ايندو آهي جيڪو ”ڪجهه به نه“ هجي. (يعني پيدا ئي نه ٿيو) (حليةُالاولياء ج 8 ص 93 رقم 11470 ملخصاً) اميرالمومنين حضرت فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ خوف جي غلبي وقت فرمايائون: ڪاش! مون کي منهنجي امان نه ڄڻي ها!

(الطبقات الکُبریٰ لابن سعد ج 3 ص 274)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# ڪاش مان دنيا ۾ پيدائي نہ ٿيان ها

نزع جي سختين، قبر جي هولناڪين ۽ جهنم جي خوفناڪ وادين جو تصور ڀڙي خوف خدا کان ڏڪندي اشڪبار اکين سان هن ڪلام کي پڙهو

ڪاش! کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا — قبر و حشر کا ہر غم ختم ہو گیا ہوتا

آہ! سَلْبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے — کاش! میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا

آ کے نہ پھنسا ہوتا میں بطورِ انساں کاش! — کاش! میں مدینے کا اُونٹ بن گیا ہوتا

دو جہاں کی فکروں سے یوں نَجات مل جاتی — میں مدینے کا سچ مُچ کُتّا بن گیا ہوتا

کاش! ایسا ہو جاتا خاک بن کے طیبہ کی — مصطفٰے کے قدموں سے میں لپٹ گیا ہوتا

میں بجائے انساں کے کوئی پودا ہوتا یا — نخل بن کے طیبہ کے باغ میں کھڑا ہوتا

گلشنِ مدینہ کا کاش! ہوتا میں سبزہ — یا بطورِ تنکا ہی میں وہاں پڑا ہوتا

جاں کنی کی تکلیفیں ذَبح سے ہیں بڑھ کر کاش! — مُرغ بن کے طیبہ میں ذَبح ہو گیا ہوتا

شور اُٹھا یہ محشر میں خُلد میں گیا عطّارؔ — گر نہ وہ بچاتے تو نار میں گیا ہوتا

## جيڪڏهن ڪاٻي هٿ ۾
## اعمال نامو مليو تہ ڇا ٿيندو!

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي عبرت جو مقام آهي، اسان سيني کي گناهن کان بچڻ ۽ قيامت جي هوشربا حالات تي سنجيدگي سان غور ڪرڻ گهرجي، جنهن ڏينهن الله پاڪ تمام مخلوق جي سامهون گناهن سان ڀريل اعمالنامو پڙهڻ جو حڪم فرمائيندو، هاءِ! ان وقت حشر جون خوفناڪ سختيون درپيش هونديون، اُڄ جي شدت جي

ڪري زبان ٻاهر نڪتل هوندي، بڪ جي ڪري چيلهه چپي ٿي وئي هوندي، جنت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو هوندو، هر قسم جي راحت بند ڪئي وئي هوندي اهڙي تڪليف ده حالتن ۾ لڪين ڪروڙن گناهن سان ڀريل اعمالنامو ڪيئن پڙهي ٻڌايو ويندو! هاءِ اسان اهو به نه ڄاڻندا هونداسين ته اعمال نامو اسان جي ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو يا کاٻي هٿ ۾، جنهن جي کاٻي هٿ ۾ اعمال نامو ڏنو ويندو ان جو ڇا ٿيندو؟ سيپاري 29 سورة الحاقة آيت نمبر 19 کان 37 ۾ اعمال نامي ڏيڻ جي ڪيفيت بيان ڪندي ارشاد الٰهي آهي، ترجمو ڪنزالايمان: ❁ پوءِ اهو جنهن کي سندس عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو اهو چوندو واجهايو منهنجو عمل نامو ته پڙهو ❁ بيشڪ مون کي پڪ هئي ته مان پنهنجي حساب کي پهچندس ❁ پوءِ اهو دل وڻندڙ آرام ۾ آهي، ❁ بلند باغ ۾ ❁ جنهن جا گوشا جهڪيل هوندا ❁ کائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو ❁ ۽ اهو جنهن کي سندس عمل نامو کاٻي هٿ ۾ ڏنو ويندو چوندو هاءِ جيڪر مون کي پنهنجو لکيو نه ڏنو وڃي ها ❁ ۽ نه مان ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي ❁ هاءِ جيڪر موت ئي معاملو پورو ڪري ڇڏي ها ❁ منهنجي ڪنهن ڪم نه آيو منهنجو مال ❁ منهنجي سموري طاقت تباهه ٿي وئي (پوءِ الله پاڪ جهنم جي مقرر ٿيل فرشتن کي حڪم ڏيندو) ❁ هن کي پڪڙيو پوءِ ان کي ڳٽ وجهو ❁ پوءِ ان کي ڀڙڪندڙ باهه ۾ دٻي ڇڏيو ❁ پوءِ اهڙي زنجير ۾ جنهن جي ماپ ستر هٿ آهي ان کي جڪڙي ڇڏيو ❁ بيشڪ اهو عظمت واري الله تي ايمان نه آڻيندو هو ❁ ۽ مسڪينن کي طعام کارائڻ جي رغبت

نہ ڏيندو هو ❁ پوءِ اڄ هتي ان جو تہ ڪو دوست ناهي ❁ نہ ئي ڪو ڪاڏو، مگر دوزخين جي پونء ❁ ان ڪي نہ ڪائيندا مگر خطاڪار.

میزاں پہ سب کھڑے ہیں اَعمال تُل رہے ہیں
رکھ لو بَھرم خُدارا عطاؔر قادِری کا

(وسائل بخشش ص 195)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فاروقِ مشتاق جي مزار جي مدني بهار

**پيارا اسلامي ڀائرو!** دنيا ۽ آخرت جون ڀلائيون حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ کي قبر ۽ حشر جي هولناڪين کان بچائڻ جي ڪوشش جو ذهن بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، نيڪي جي دعوت جي ديني ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺو نيڪ اعمال جي مطابق پنهنجي زندگي گذاريو، سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀري سفر جي ترڪيب بڻايو! اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو: گلزارِ طيبہ (سرگوڌا پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو حلفيہ (يعني قسم کڻي ڏنل) بيان جو خلاصو آهي: غالباً (1428ھ يعني 2006) مون کي پنهنجي هڪ عزيز سان صحراءِ مدينہ ڪراچي ۾ دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جي مرحوم نگران، خوش اِلحان نعت خوان، بلبل روضۂ رسول الحاج قاري ابوعُبيد مشتاق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪن مفتيءِ دعوت اسلامي علامہ مولانا الحافظ القاري الحاج ابو عمر محمد فاروق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزارِ پاڪ جي حاضري جي سعادت

حاصل ٿي، منجهند جو وقت هو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عين بيداري جي عالم ۾ اسان ٻنهي کي حاجي مشتاق عطاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار پُر انوار مان اَذانِ ظهر جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ آيو، پوءِ ڪجهه دير کان پوءِ مفتيءِ دعوت اسلامي جي آواز ۾ اِقامت ٻڌي پوءِ حاجي مشتاق صاحب جي تڪبير تحريمه ۽ ٻين تڪبيرن جي آواز کان اهو سمجهه ۾ آيو تہ اهي مزار شريف ۾ امامت فرمائي رهيا آهن، جماعت ختم ٿيڻ کان پوءِ دعا جو آواز بہ صاف ٻڌڻ ۾ آيو، دعا ختم ٿيڻ کان پوءِ اسان کي خوشبو جي مهڪ محسوس ٿي، مان حيرت ۽ اچرج جي عالم ۾ گلزارِ طيبہ جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ سان موبائل فون تي رابطو ڪيو، ۽ واقعو بيان ڪيو، ان تي هن مبارڪ باد ڏيندي، هن ايمان افروز "مدني بهار" جي روشني ۾ الله تعالىٰ جي مقبول ٻانهن اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي تَصَرُّفات ۽ اختيارات، ۽ دعوت اسلامي جي برڪتن کان آگاهه ڪيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه هي ٻُڌي مان جهومڻ لڳس، الله تعالىٰ جا ڪروڙين ڪروڙ شڪر جو ان مون کي هن نازڪ دؤر ۾ دعوت اسلامي جو مشڪبار ديني ماحول عطا فرمايو، مان دعاگو آهيان جو الله تعالىٰ مون کي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ ڏينهن رات مصروف عمل رهندي سنتن ڀري زندگي گذارڻ ۽ ايمان ۽ عافيت سان مرڻ جي سعادت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

دعوتِ اسلامی نے دنیا بھر میں دھوم مچائی ہے
سارے جہاں میں عشقِ محمد کی خوشبو پھیلائی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ثابت بُناني جو مزار ۾ نماز پڙهڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار مان خبر پئي ته دعوت اسلامي وارن تي پروردگار ۽ مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو بيحد ۽ بيشمار ڪرم آهي، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جو مزار ۾ نماز پڙهڻ ڪا حيرت جي ڳالهه ناهي، اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام ڪان اهو ثابت آهي جيئن تابِعي بزرگ حضرت ثابت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دعا گهري: ”اي الله پاڪ جيڪڏهن تون ڪنهن کي قبر ۾ نماز پڙهڻ جي اجازت ڏين ٿو مون کي به اجازت عطا فرماءِ“ وفات ڪان پوءِ ڏٺو ويو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي قبر ۾ نماز پڙهي رهيا آهن.

(حليۃُالاولياء ج 2 ص 362 رقم 2568)

## اَنبياء قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن

انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام به حيات آهن ۽ پنهنجي قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن جيئن الله جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَلْاَنْبِيَاءُ اَحْيَاءٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ يُصَلُّوْن يعني نبي زنده آهن ۽ پنهنجي قبرن ۾ نماز پڙهندا آهن. (مسند ابي يعلٰي ج 3 ص 216 حديث 3412) حضرت شيخ عبدالوَهّاب شَعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي قبر مبارڪ ۾ زنده آهن ۽ اذان ۽ اقامت سان نماز ادا فرمائن ٿا، ائين ئي انبياء ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام به نماز ادا فرمائن ٿا.

(ڪشف الغمة عن جميع الامة الجزء الثاني ص 63)

چلو اچّھا ہوا کام آ گئی دیوانگی اپنی
وَگرنہ ہم زمانے بھر کو سمجھانے کہاں جاتے
نہ جلتی شمع محفِل میں تو پروانے کہاں جاتے
نہ ہوتا در نبی کا تو یہ دیوانے کہاں جاتے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# روضي انور مان اذان ۽ اقامت جو آواز

63 سن هجري ۾ واقعهءِ حُرَّه پيش آيو جنهن ۾ ظالم يزيدين مديني منور تي چڙهائي ڪئي، 700 صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ۽ وڏيڪ بين مسلمانن کي ملائي ڏهہ هزار کان وڌيڪ صحابہ کي شهيد ڪيو ويو، مديني وارن کي خوب لٽيو ويو، هزارين باڪره (يعني ڪنواري) ڇوڪرين سان مَعاذالله ”ڏاڍائي“ ڪئي وئي، مسجد نبوي شريف جي ٿنين سان گهوڙا ٻڌا ويا، ٽي ڏينهن تائين مسجد شريف ۾ ماڻهو نماز کان مُشَرَّف نہ ٿي سگهيا، ان موقعي تي مشهور تابِعي بزرگ حضرت سَعيد بن مُسَيّب رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ پنهنجي پاڻ کي ديوانو ٻڌائي اتي حاضر رهيا، يزيدي ماڻهن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کي ديوانو سمجهي شهيد ڪرڻ کان رڪجي ويا، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: حُرَّہ جي ڏينهن ۾ ماڻهن جي واپس اچڻ تائين هميشہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبر مبارڪ مان اَذان ۽ اقامت جو آواز ٻڌندو هيس.

(دلائل النبوة لابي نعيم ج 2 ص 567 وغيره)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حدائق بخشش شريف ۾ نقل ڪن ٿا:

تو زِندہ ہے وَاللّٰہ تُو زِندہ ہے وَاللّٰہ
مِرے چَشمِ عالَم سے چُھپ جانے والے!

(يعني يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله جو قسم! اوهان زنده آهيو، خدا جو قسم! اوهان زنده آهيو، ظاهري اکين سان مون کي نظر نہ اچڻ وارا)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# مومن جي فراست کان ڊڄو

امامُ الطَّائِفہ حضرت شيخ ابوالقاسم جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: (منهنجا پير ۽ مرشد) حضرت شيخ سَرِي سَقَطِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مون کي فرمائيندا هئا تہ ماڻهن ۾ وعظ ۽ نصيحت ڪندو ڪر، پر مان پاڻ کي ان جو اهل نہ سمجهندو هيس انهيءَ ڪري همت نہ ٿيندي هئي، هڪ جمعي جي رات جو جنابِ رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ نوازش ڪري فرمايائون: "ماڻهن کي نصيحت ڪر" مان بيدار ٿيس ۽ صبح جو انتظار ڪرڻ بغير (پنهنجي پير روشن ضمير) حضرت شيخ سَرِي سَقَطِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس (منهنجي عرض ڪرڻ کان پهريان) انهن (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو: جيستائين سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ نہ فرمايو توهان منهنجي چوڻ جو اعتبار نہ ڪيو، حضرت شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهيءَ صبح کان جامع مسجد ۾ بيان شروع ڪري ڇڏيو، ماڻهن ۾ اها ڳالهہ فوراً ڦهلجي وئي تہ اڄ کان جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان فرمائڻ لڳا آهن، هڪ ڏينهن ڪنهن نوجوان اجتماع ۾ بيهي ڪري سوال ڪيو، اي شيخ! ٻڌايو حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان ارشاد مبارڪ: اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللّٰه يعني مومن جي فراست کان ڊڄو ڇوتہ اهو الله پاڪ جي نور سان ڏسندو آهي. (ترمذي ج 5 ص 88 حديث 3138) جو ڇا مطلب آهي؟ ان جو سوال ٻڌي ڪجهہ گهڙي جي لاءِ حضرت شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مٿو جهڪائي ورتو، پوءِ مٿو مبارڪ کڻي (غيب جي خبر ڏيندي) ارشاد فرمايائون: اي نوجوان! تون نصراني (يعني ڪرسچن) آهين ۽ هاڻي تنهنجي مسلمان ٿيڻ جو وقت اچي ويو

آهي، ايمان آڻ، اهو نوجوان جيڪو واقعي ڪرسچن هو اَلحَمدُلله هي ڪرامت ڏسي اهو انهي وقت مسلمان ٿي ويو.

(روض الرياحين ص 157)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي-**

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله پنهنجي اولياء کي علم غيب عطا فرمائيندو آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان مبلغ جي مرتبي جي خبر پئي، سُبْحٰنَ اللّٰه! شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انڪساري سبب پاڻ کي بيان جي لاءِ نااهل تصور فرمائيندا هئا، حالانڪ الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ زبردست عالم هئا، سندن تي سڀ کان وڌيڪ ڪرم اهو ٿيو جو رسول اَڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا ۽ کيس بيان جو حڪم فرمايو، هن حڪايت مان خبر پئي ته منهنجا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رب جي عطا سان غيب جو علم رکن ٿا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هي خبر هئي ته جنيد بغدادي رسول اَڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندس پير ۽ مرشد چئي رهيا آهن پوءِ به پاڻ بيان ڪرڻ کان گهبرائي رهيا آهن، تنهنڪري پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف آڻي بيان جو حڪم صادر فرمايو، هي به خبر پئي ته فيضانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اوليائن کي به علم غيب حاصل

آهي تڏهن تہ حضرت سري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي خاص مريد جو خواب ڇاڻي ورتو، ۽ حضرت شيخ جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ نصراني يعني ڪرسچن کي فراستِ ايماني سان سڃاڻي ڪري غيب جي خبر سان مالا مال انوکي انداز ۾ نيڪي جي دعوت عنايت فرمائي ۽ اهو ڪرامت ڀري نيڪي جي دعوت جي برڪت سان هٿو هٿ اسلام جي دامن ۾ اچي ويو.

## فِراست جي معنيٰ

حديث شريف ۾ ”فِراست“ جو ذڪر آهي ان جي معنيٰ بہ سمجهي وٺو، فِراست جي معنيٰ آهي: الله پاڪ پنهنجي اوليائن جي دلين ۾ اها شيء وجهندو آهي جنهن جي ڪري انهن کي ڪجھ ماڻهن جي حالات جو علم ٿي ويندو آهي. (النهايه ج 3 ص 383) سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پياري پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علم غيب سان مالا مال نگاهہِ بي مثال جو عروج ۽ ڪمال جو بيان ڪندي خوب شعر لکيو آهي:

سرِ عرش پر ہے تری گزر، دلِ فرش پر ہے تری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

**مشڪل لفظن جي معنيٰ:** سر عرش: عرش جي مٿي، ملڪوت: فِرشتن جي رهڻ جي جڳهہ، عيان: ظاهر

**شرح ڪلام رضا:** يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرش ڪان مٿي ۽ فرش يعني زمين جي اندر جو سڀ ڪجھ اوهان جي سامهون آهي، دنيا ۽ جهان ۾ ڪا شيء اهڙي ناهي جيڪا اوهان تي ظاهر نہ هجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# منهنجي دوست جو خواب

**پيارا اسلامي ڀائرو!** منهنجا مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب جون خبرون ڄاڻن ٿا، اچو ته! انهيءَ باري ۾ دعوت اسلامي ٻڌڻ ڪان پهريان جو ٻڌل ايمان افروز خواب ٻڌو: هڪ اسلامي ڀاءُ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه کي جيڪو ڪجهه ٻڌايو ان جو خلاصو آهي: مون کي خواب ۾ جناب رسالتِ مآب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جي سعادت ملي، همت ڪري عرض ڪيو: "يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڇا اوهان کي علم غيب آهي" ارشاد فرمايائون: ها، ان ڪان پوءِ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قرآن جي هڪ آيت سڳوري ٻڌائي، سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چپن ڪان تلاوت، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري آواز ۽ حروف جي ادائيگي جو حُسنِ اُسلوب (يعني اکرن جي پنهنجي مخارج سان پيارو انداز) مرحبا! اهڙو پيارو ۽ مٺو آواز ۽ قراءَت مون ڪڏهن نہ ٻُڌي هئي. آيت شريف مون ڪان وسري وئي آهي، ها پر ايترو ياد آهي تہ ان جي آخر ۾ لفظ "بِضَنِين" هو ان تي مون (يعني سگ مدينہ عُفِيَ عَنه) سيپاري 30 سورة التڪوير جي آيت نمبر چوويهه (24) ٻڌائي: وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ ﴿۲۴﴾ اهو اسلامي ڀاءُ چوڻ لڳو ها ها هي ئي آيت شريف هئي، سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه ان کي هن آيت شريف جو ترجمو ٻڌايو ۽ عرض ڪيو تہ يقيناً سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي الله پاڪ جي رحمت ۽ عنايت سان علم غيب آهي.

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن حڪايت مان ڪو هن وسوسي ۾ نہ پوي تہ واهہ سائين! خوابن مان علم غيب ثابت ڪيو پيو وڃي، حالانڪ غير نبي جو خواب تہ حُجت (يعني دليل) ئي ناهي، سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه

اقرار ڪري ٿو ته واقعي هر مسئلو خواب سان حل ناهي ٿيندو، پر هتي خواب سان نہ، خواب ۾ عطا ڪيل جواب ۾ بيان ڪيل قرآني آيت مان علم غيب جو ثبوت پيش ڪيو پيو وڃي اها آيت شريف واقعي علم غيب تي دليل آهي، تنهنڪري هن آيت ۽ ان جو ترجمو ملاحظ ٿئي:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هيءُ نبي غيب ٻُڌائڻ ۾ بخيل نہ آهي.

هن آيت شريف مان خبر پئي ته مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غيب ٻڌائيندا آهن ۽ ظاهر (يعني UNDERSTOOD) آهي ته ٻڌائيندو اهو جنهن کي علم هوندو، ته بيشڪ ربُّ العٰلمين جي عطا سان رحمة للعٰلمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم علم غيب جي دولت سان مالا مال آهن، بارگاهِ رسالت ۾ عاشق ماهِ رسالت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا:

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تُم پہ کروڑوں دُرُود

(حدائق بخشش شريف)

**شرح ڪلام رضا:** يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان جي شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي! شب معراج بيداري جي حالت ۾ پنهنجي مبارڪ اکين سان پنهنجي پاڪ پروردگار جو ديدار ڪيو، ته ائين الله پاڪ جيڪو غيبُ الغيب آهي اهو بہ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ظاهر ۽ آشڪار ٿي ويو ته هاڻي ٻيو ڪو غيب پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪيئن لڪي سگهي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ ٺوڪر سان اُحد جو زلزلو ختم ٿي ويو

”بخاري شريف“ ۾ آهي: حضرت اَنس رَضِیَ اللہ عَنۡهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه منوره، سردار مڪهء مڪرمه صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت عمر فاروق اعظم ۽ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہ عَنۡهُم اُحُد جبل تي تشريف وٺي ويا ته اهو (خوشي وچان) لُڏڻ لڳو، پاڻ صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي ٺوڪر هڻي فرمايو: اُثۡبُتۡ اُحُدُ فَاِنَّمَا عَلَيۡكَ نَبِیٌّ وَّصِدِّيۡقٌ وَّشَهِيۡدَانِ۔ اُحد! بيهي رهو تنهنجي مٿان هڪ نبي هڪ صديق ۽ ٻه شهيد آهن.

(صحيح بُخاري ج 2 ص 524 حديث 3675)

ایک ٹھوکر میں اُحد کا زَلزلہ جاتا رہا

رکھتی ہیں کتنا وقار اللّٰہُ اکبر اَیڑیاں

(حدائقِ بخشش شريف)

## مذڪوره حديث مان علم غيب ثابت ٿئي ٿو

پيارا اسلامي ڀائرو! بخاري شريف جي ذڪر ڪيل حديث شريف مان اَظۡهَرُ مِنَ الشَّمۡسِ وَ اَبۡيَنُ مِنَ الۡاَمۡسِ (يعني سج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڏينهن کان وڌيڪ قابل يقين) ٿيو ته اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ربّ جي عطا سان علم غيب آهي، تنهنڪري ته پاڻ صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جبل اُحد شريف کي ارشاد فرمايو ته توتي هڪ نبي هڪ صديق ۽ ٻه شهيد آهن، ڪنهن جي باري ۾ ان جي حياتي ۾ هي خبر ڏيڻ ته هي شهيد آهي هي غيب جي خبر ناهي ته ٻيو ڇا آهي، هن حديث شريف حوالي سان حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡهِ مِراٰة جلد 8 صفحي 408 کان 409 تي فرمائن ٿا: خبر پئي ته الله پاڪ جا مقبول ٻانها سڄي خلقت(يعني شجر ۽ حجر دريا ۽ جبل

سيني) جا محبوب (۽ پيارا) هوندا آهن، انهن جي تشريف آڻڻ سان سيئي خوشيون ملهائيندا آهن، انهن کي پٽر ۽ جبل به سجاڳيندا آهن، وڌيڪ فرمائن ٿا: هي به خبر پئي ته حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيني جي انجام (يعني سني يا بري خاتمو ٿيڻ) کان خبردار آهن تڏهن ته فرمايائون: ان مان به صحابه شهيد ٿي وفات ڪندا.

(مرأة ج 8 ص 408)

رب کی عطا سے سب کچھ جانے دیکھے بَعِید و قریب
غیب کی خبریں دینے والا اللہ کا وہ حبیب
اللہ اللہ، اللہ ھُو لا اِلٰہ اِلّا ھُو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## غيب ڇا کي چئبو آهي؟

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ "تفسير نعيمي" ۾ فرمائن ٿا: غيب جي (لفظي) معنيٰ آهي غائب يعني لڪيل شيء، اِصطِلاح (يعني مخصوص، مرادي معنيٰ) ۾ غيب اها شيء آهي جيڪا ظاهري باطني حواس (يعني محسوس ڪرڻ جي قوتن) ۽ عقل کان لڪيل هجي يعني نه اک، نڪ، ڪن وغيره سان معلوم ٿي سگهي ۽ نه غور و فڪر سان عقل ۾ اچي سگهي. (تفسير نعيمي ج 1 ص 121) مثلاً جنت اسان لاءِ هن وقت غيب آهي ڇوته ان کي اسان حواس (يعني اک، نڪ ، ڪن وغيره) سان معلوم ئي نٿا ڪري سگهون، غيب اهو آهي جيڪو اسان کان پوشيدا هجي اسان ان کي پنهنجي حواسِ خمسه يعني ڏسڻ، ٻڌڻ، سُنگهڻ، چکڻ ۽ ڇُهڻ کان سواءِ نه ڄاڻي سگهون ۽ غور و فڪر سان عقل ان کي معلوم نه ڪري سگهي.

(ملخص از تفسير بيضاوي ج 1 ص 116 وغيره)

## علم غيب جي باري ۾ امت جي اڪابرين جا قول

فيضان انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام سان اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه السّلام کي به علم غيب عطا ڪيو ويندو آهي، انهيءَ باري ۾ اُمت جي اڪابرين جا قول ملاحظ فرمايو: حضرت علامه علي قاري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اسان جو عقيدو آهي ته ٻانهو ترقي جا درجات پار ڪري صفت روحاني تائين پهچندو آهي ان وقت ان کي علم غيب حاصل ٿي ويندو آهي. (مرقاةُ المفاتيح ج 1 ص 128) وڌيڪ هڪ ٻي جڳهه تي لکن ٿا: نورِ ايمان جي قوت وڌڻ سان ٻانهو حقائقِ اشياءَ (يعني شين جي حقيقتن) تي مطلع ٿيندو آهي ۽ ان تي نه صرف غيب بلڪ غَيبُ الغَيب يعني غيب جو غيب به روشن ٿي ويندو آهي.

(ايضاً ص 119)

امام ابن حَجَر رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اولياء جي ڪنهن واقعي يا واقعات ۾ علم غيب حاصل ٿيندو آهي هي بلڪل درست آهي، ان مان ڪئي حضرات کان ائين ظاهر ٿي مشهور به ٿيو.

(اعلام بقواطع الاسلام ص 359)

سلسله عاليه نقشبنديه جي امام حضرت عزيزان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائيندا هئا: انهن اوليائن جي گروهه ۾ زمين دسترخوان وانگر آهي. (نفحاتُ الانس ص 387) يعني جيئن دسترخوان تي هر شيء نظر اچي ويندي آهي ائين زمين جي هر شيء انهن کي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، حضرت خواجه بهاءُ الحق والدين نقشبندي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هي قول نقل ڪري فرمائن ٿا: اسان چئون ٿا ته (زمين انهن جي لاءِ) ننهن جي سطح جيان آهي، ڪا شيء انهن جي نگاهه کان غائب ناهي.

(ايضاً ص 387-388)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تفسير نعيمي جلد 4 صفحي 371 تي "تفسير روحُ المعاني" جي حوالي سان لکيو آهي: ڪجهه اهلِ

ڪشف اولياء الله بہ غيوب (يعني غيبن) تي مُطّلع ڪيا ويندا آهن پر نبيءَ جي واسطي سان، بنا واسطي جي نہ.

(روحُ المعاني ج 4 ص 475)

اسان جا غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "قصيده غوثيہ" ۾ فرمائن ٿا:

نَظَرْتُ إِلٰى بِلَادِ اللهِ جَمْعًا ؁ كَخَرْدَلَةٍ عَلٰى حُكْمِ التِّصَالِ

(مون الله جي سيني شهرن کي ائين ڏسي ورتو جيئن رائي جا ڪجهہ داڻا پاڻ ۾ مليل هجن)


حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "اَخبارُ الاَخيار" صفحي 15 تي حضور غوث الاعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو هي ارشاد پاڪ نقل ڪيو آهي: جيڪڏهن شريعت منهنجي زبان تي لغام نہ لڳائي هجي ها تہ مان توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ها تہ توهان گهر ۾ ڇا کاڌو آهي ۽ ڇا رکيو آهي، مان توهان جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻان ٿو ڇو تہ توهان منهنجي نظر ۾ آر پار نظر اچڻ واري شيشي وانگر آهيو. حضرت مولانا روم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَثنوي شريف ۾ فرمائن ٿا:

لَوحِ محفوظ اَست پيشِ اولياء
اَزچه محفوظ اَست محفوظ اَز خطا

(يعني لوح محفوظ اولياء الله جي اکين جي سامهون هوندي آهي جيڪا هر خطا کان محفوظ هوندي آهي)

شاهہ عبدالعزيز محدّثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسير عزيزي ۾ "سورة الجنّ" جي تفسير ۾ لکن ٿا: "لوح محفوظ جي خبر رکڻ ۽ ان جي تحرير ڏسڻ ڪجهہ اولياءَ الله کان بطريق تواتُر (يعني تسلسُل سان) منقول آهي".

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net